SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 1974

# SINDH ACT NO.X OF 1974

# سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 1974

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1974

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. سنڌ آرڊيننس VI مجريہ 1972 جي دفعہ 4 جي ترميم
3. سنڌ آرڊيننس VI مجريہ 1972 جي دفعہ 8 جي ترميم
4. سنڌ آرڊيننس VIII مجريہ 1974 جي منسوخي

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريہ 1974
# SINDH ACT NO.X OF 1974
# سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 1974
# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1974

[24 جون 1974]

ايڪٽ جنهن سان سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي بورڊ 1972 آرڊيننس ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ 1972 ايڪٽ ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي، تہ جيئن ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ جي قابل بڻائي سگهجي.

جنهن ڪي هيٺين ريت تبديل ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس VI مجريہ 1972 جي دفعہ 4 جي ترميم

2. سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي بورڊ آرڊيننس مجريہ 1972 جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ هن ريت تبديلي آندي ويندي:

(a) شق (ix) جي آخر ۾ جيڪو فل اسٽاپ اچي ٿو ان کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪري لفظ "۽" شامل

ڪيو ويندو.

(b) هيٺ ڏنل شق جو اضافو ڪيو ويندو:

(X) ٻين سمورن بورڊز جا چيئرمين.

3. تبديل ٿيندڙ آرڊيننس جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (2) کي هن ريت تبديل ڪيو ويندو:

سنڌ آرڊيننس VI مجريہ 1972 جي دفعہ 8 جي ترميم

"(2) بورڊ جي ميٽنگس جو ڪرم سمورن ميمبرز جو پنجاهہ سيڪڙو هوندو، فريڪشن کي هڪ ئي ڳڻيو ويندو.

4.سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي بورڊ (ترميم) آرڊيننس مجريہ 1974 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ آرڊيننس VIII مجريہ 1974 جي منسوخي

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**